# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1976

# SINDH ORDINANCE NO.VII OF 1976

# صوبائي موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE PRIVINCIAL MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي شق 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

3. اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي شق 67 جي ترميم

Amendment of section 67 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

4. اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي ڇهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

5. اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي تيرهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Thirteenth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

# سنڌ آرڊيننس نمبر VII مجريه 1976

# SINDH ORDINANCE NO. VII OF 1976

# صوبائي موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE PRIVINCIAL MOTOR VEHICLES (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

[26 آڪٽوبر 1976]

صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ وڌيڪ ترميم جو آرڊيننس

تمهيد (Preamble)

صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس 1965 ۾ هيٺين ريت وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته صورتحال ڪي نظر ۾ رکندي تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي.

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب ڏنل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ

فرمايو آهي.

1. (1) هن آرڊيننس کي صوبائي موٽر گاڏيون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1976 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ العمل هوندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، دفعہ 50 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) ۾ لفظن "اٺ هزار" جي جڳهہ تي لفظ "پندرنهن هزار" متبادل بڻايا ويندا.

اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي شق 50 جي ترميم

Amendment of section 50 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 67 ۾:-

(الف) ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظ "ڪيريج (Carriage)" ۽ لفظ "جيئن (as)" وچ ۾ لفظ "يا ڪارپوريشن طرفان جيڪڏهن اهڙي ڪيريج جو تعلق ڪارپوريشن سان آهي" متبادل بڻايا ويندا.

(ب) ذيلي دفعہ (1) جي شق (a) ۾ لفظن "اٺ هزار" جي جڳهہ تي لفظ "پندرنهن هزار" متبادل بڻايا ويندا.

اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي شق 67 جي ترميم

Amendment of section 67 of West Pakistan Ordinance XIX of 1965

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي ڇهين شيڊول ۾ نوٽ 1 کان اڳ آخري داخلا کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويند:-

"بدين........................ بي.ڊي (B.D)"

اولهہ پاڪستان آرڊيننس XIX مجريہ 1965 جي ڇهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Sixth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

اولهه پاڪستان آرڊيننس XIX مجريه 1965 جي تيرهين شيڊول جي ترميم

Amendment of Thirteenth Schedule to West Pakistan Ordinance XIX of 1965

5. ڄاڻايل آرڊيننس جي تيرهين شيڊول ۾، هيٺيون تبديليون آنديون وينديون.

تيرهون شيڊول

(ڏسو دفعات 50، 53 ۽ 67)

| جريان نمبر | زخم (Injury) | معاوضو |
|---|---|---|
| 1. | ساڄي ٻانهن ڪلهي ڪان يا ٺوٺ ڪان ضايع ٿيڻ | 4000 |
| 2. | کاٻي ٻانهن ڪلهي ڪان يا ٺوٺ ڪان ضايع ٿيڻ | 4000 |
| 3. | ساڄي ٻانهن جو ٺوٺ ڪان هيٺ ضايع ٿيڻ | 3500 |
| 4. | کاٻي ٻانهن جو ٺوٺ ڪان هيٺ ضايع ٿيڻ | 3500 |
| 5. | ڄنگهه جو گوڏي وٽان يا ان ڪان مٿي ضايع ٿيڻ | 4000 |
| 6. | ڄنگهه جو گوڏي ڪان هيٺ ضايع ٿيڻ | 3500 |

| | | |
|---|---|---|
| .7 | ٻڌڻ جي سگهه وڃائڻ | 4000 |
| .8 | هڪ اک جو ضايع ٿيڻ | 4500 |
| .9 | ٻنهي اکين جو ضايع ٿيڻ | 8000 |
| .10 | آڱوٺي جو ضايع ٿيڻ | 2000 |
| .11 | هڪ پير جو پب ضايع ٿيڻ | 3000 |
| .12 | ڏسڻي آڱر جو ضايع ٿيڻ | 2000 |
| .13 | سڄو پب ضايع ٿيڻ | 1500 |
| .14 | ڏسڻي آڱر کانسواءِ ڪا آڱر ضايع ٿيڻ | 1500 |
| .15 | منهن يا مٿي جو بگڙي وڃڻ (Disfiguration) | 1500 کان 4000 تائين بگاڙ جي حساب سان |
| .16 | هڏي جي ٽٽڻ جو فريڪچر | 1500 |
| .17 | ماس جو ضايع ٿيڻ | 3500 |
| .18 | هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڏندن جو ضايع ٿيڻ | هڪ لاءِ 500 وڌيڪ لاءِ 2000 |
| .19 | ڪو زخم جنهن زندگي کي خطرو هجي يا جنهن سان 20 ڏينهن تائين جسم ۾ سور هجي، يا پنهنجا عام ڪم ڪار نه ڪري سگهي. | 1500 |
| .20 | هن شيڊول ۾ نه ڄاڻايل ڪنهن زخم جو طبي خرچ (Medical | ميڊيڪل آفيسر |

| | | |
|---|---|---|
| پاران چاڙايل حقيقي خرچ | Expense) | |

نوٽ: ”ڪنهن زخم (Injury) لاءِ وڌ ۾ وڌ معاوضو ڏهه هزار رپين تائين محدود ڪيو ويندو.“

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**